محمد قاسم راڄپر

# سنڌي ننڍي ناٽڪ جو آبو: پروفيسر منگھا رام ملڪاڻي

# PROFESSOR MANGHARAM MALKANI: THE GRAND OLDMAN OF SINDHI ONE ACT PLAY

## Abstract

Prof. Mangharam Malkani was a towering and fatherly figure of Sindhi literature of the 20th Century. Socially he had a ‘landlord’ background, but the love of his language attracted him to literature. He abandon his ancestral profession and adopted noble profession of teaching. He joined as a lecturer in English at the D.J. Sindh College, Karachi. After Partition, he continued teaching at Jai Hind College Bombay, India till 1962, when he retired.

He was the grand oldman of modern Sindhi One act plays. In 1923, Prof. Malkani and his friend Khanchand Daryani had established the Rabindra Literary and Dramatic Club in Sindh, inaugurated by the Great Poet Tagore himself. Prof. Malkani’s own writings included 34 one-act plays and four full-length plays, leading to the appellation “The Grand Old Man of Sindhi Plays”. He also directed them, and acted on stage. In 1933, he played the leading role in a Hindi film, “Insan Ya Shaitan” opposite Jadan Bai, mother of the well-known actress Nargis.

Prof. Malkani also led a delegation of Sindhi writers to Asian Writer’s Conference in 1956, in New Delhi. On this occasion, he impressed upon Dr. Rajendra Prasad, the first President of India, that Sindhi Language should be recognized in the 8th Schedule of the Constitution, to be ranked equally among the other fourteen languages of India. This pioneering effort culminated into the Sindhi language getting its due recognition in India on April 10, 1967.

Prof. Malkani received the Sahitia Academy Award in 1969 for his book “Sindhi Nasar Ji Tarikh” (History of Sindhi Prose). He was also nominated ‘Fellow’ of Sahitia Academy in 1972, the only Sindhi writer thus honored so far. Services of Prof. Malakani to wards Sindhi one act play will be anylised in this paper.

ناٽڪ اسان جي حقيقي زندگيءَ جي گهڻو ويجهو آهي. انساني زندگي ۽ سماج سان ان جو گهرو ناتو آهي. ادب جي ٻين صنفن جي ڀيٽ ۾ ناٽڪ جو اثر تيز ۽ دير تائين رهڻ وارو آهي. شاعري، ڪهاڻي ۽ ناول پڙهندڙن جي ذهنن ۾ هڪ تصور پيش ڪندا آهن. پر ناٽڪ لفظن، ڪردارن پوشاڪ، ناهه نوهه ۽ منظر ڪشيءَ سان ڏسندڙن ڪي سماج جي حقيقي زندگيءَ جي ويجهو آڻي ڇڏي ٿو. ”ناٽڪ اسٽيج، ريڊيو ۽ ٽي ويءَ تي ڪري ڏيکارڻ لاءِ لکيو ويندو آهي. يعني ناٽڪ جي ڪهاڻي عملي صورت اختيار ڪري ٿي. جنهن ۾ ڪردار پنهنجو مليل پارٽ ادا ڪري ڏيکارين ٿا. انهيءَ ڪري ناٽڪ جو شعر، ڪهاڻي ۽ ناول جي ڀيٽ ۾، اسان جي دل تي اثر وڌيڪ ٿئي ٿو. ناٽڪ پڙهيل ۽ اڻ پڙهيل ٻنهي لاءِ وندر ميسر ڪري ٿو“. 1

سنڌي جديد ناٽڪ نويسيءَ جي شروعات انگريزن جي دؤر کان ٿي. 1879ع ۾ امام بخش خادم پهرئين سنڌي ناٽڪ ’ هير رانجهو‘ جو مسودو (Script)لکيو. جيڪو نہ اسٽيج تي اچي ڊرامي جي صورت اختيار ڪري سگهيو ۽ نہ وري شايع ٿي مطالعاتي ناٽڪ بڻجي سگهيو. سنڌيءَ ۾ جيڪو پهريون ناٽڪ شايع ٿي سگهيو، اهو مرزا قليچ بيگ جو لکيل ’ليلي مجنون‘ هو ۽ سکر واري ماستر هري سنگهہ شايع ڪرائي پڌرو ڪيو. اهو ناٽڪ هندستاني ناٽڪ ’ليلي مجنون‘ جو ترجمو هو. مرزا قليچ بيگ سنڌيءَ ۾ سڀ کان وڌيڪ وڏا ناٽڪ لکي، سنڌي وڏي ناٽڪ کي پختو بنياد فراهم ڪري ڇڏيو. مرزا صاحب سنڌي ٻوليءَ ۾ بي شمار وڏا توڙي ننڍا ناٽڪ تخليق، اُلٿو ۽ ترجمو ڪري، سنڌي ادب جي هن اهم ترين صنف کي مالا مال ڪيو.

مرزا قليچ بيگ کانپوءِ هن ميدان ۾ ڪوڙي مل چندن مل پير پاتو. سندس پهريون ناٽڪ ’ رتنا ولي‘ سنسڪرت ناٽڪ جو ترجمو هو. جيڪو 1888ع ۾ رتن ساهت منڊل پاران شايع ڪرايو ويو. ايستائين سنڌ ۾ ڪابہ ناٽڪ منڊلي برپا نہ ٿي هئي. 1894ع ۾ ڊي جي سنڌ ڪاليج ناٽڪ منڊليءَ جي قيام بعد سنڌي ناٽڪ مطالعاتي ناٽڪ مان ڦري حقيقي ناٽڪ جو روپ ڌاريو. ڇوتہ ”جيستائين ڪوبہ ناٽڪ اسٽيج تي پيش نہ ٿو ٿئي، تيستائين اهو فقط ڊرامي جو مسودو (Script) آهي“. 2

سنڌيءَ ۾ رنگ منچ (Stage) تي پهريون ناٽڪ پرين واسي ماستر جيئانند ڪلٽداس پريائيءَ جو ’ نل دمينتي‘ آيو، جيڪو ڊي جي سنڌ ڪاليج ناٽڪ منڊلي ڪراچيءَ پاران 1894ع ۾ پيش ڪيو ويو. سنڌيءَ ۾ پهريون اصلوڪو ناٽڪ مرزا قليچ بيگ جو لکيل ’ بڪاولي‘ هو، جيڪو ساڳئي سال ماستر هري سنگهہ سکر مان شايع ڪيو. اهو بہ صرف مطالعاتي ناٽڪ هو، جو اسٽيج تي نہ اچي سگهيو. سنڌيءَ ۾ ننڍي ناٽڪ يا ايڪانڪي (One Act Play) جو باني بہ مرزا قليچ بيگ آهي. جنهن 1895ع ۾ ’لوڀي ۽ ٺوڳي‘ لکيو. سندس اهو پهريون ناٽڪ هو، جيڪو رنگ منچ تي آيو ۽ ڊي جي سنڌ ڪاليج ناٽڪ منڊليءَ پاران ڏيکاريو ويو.

سنڌ ۾ 1880ع کان 1920ع تائين وڏن ناٽڪن جو عروج رهيو. چاليهن سالن جي ان مدي دوران جتي ٻين ٻولين جي ناٽڪن جي ترجمي، اُلٽي جو زور رهيو اتي 1920ع کان سنڌيءَ ۾ اصلوڪن ناٽڪن جو زور وڌيو. اهو دؤر حقيقت نگاريءَ وارن ناٽڪن جو هو. جنهن ۾ تنهن دؤر جي سماجي خرابين ۽ ڏاڍاين کي وائکو ڪيو ويو، پر انهنجي خلاف وڙهڻ، منهن مقابل ٿيڻ سان گڏ بنيادي انساني حقن جي حفاظت لاءِ ڪردار خلقيا ويا. نہ تہ ان کان ڪي ايڪڙ ٻيڪڙ ننڍا ناٽڪ شايع ٿيا يا منچ تي آيا نہ تہ سڀ وڏا ناٽڪ ڏيکاريا ويا يا شايع ٿيا. ان زماني ۾ ننڍا ناٽڪ ليلا رام سنگهہ، ڪوڙي مل چندن مل، ڏيئو مل گاگن سنگهہ آڏواڻي،لعل چند امر ڏنو مل، ڪشنچند ٻيوس، پيرو مل مهر چند آڏواڻي، چاندو مل ڪتري، ديوان ٺاڪرداس، خانچند درياڻي ۽ ليلا رام ماکيجاڻي ۽ ٻين ناٽڪ نويسن جا لکيل هئا، سندن لکيل ننڍا ناٽڪ مقبول ٿيا تہ وڏي ناٽڪ جو زور ٽٽندو ويو. پر تنهن هوندي بہ مرزا قليچ بيگ اصلوڪا وڏا ناٽڪ تخليق ڪندو رهيو. حقيقت پسنديءَ واري دؤر جي شروعات تہ ڪشنچند ٻيوس لاڙڪاڻي کان ڪئي، پر پوءِ حيدرآباد ۽ ڪراچيءَ ۾ خانچند درياڻيءَ جا لکيل حقيقت نگاريءَ وارا ناٽڪ وڏيڪ مقبول ٿيا.

انهن ٻنهي ناٽڪ نويسن کانسواءِ جن ناٽڪ نويسن جا منچ تي آيل گهڻا ناٽڪ ' کلائيندڙ ڇهچٽا ' هوندا هئا. جيڪي گهڻو ڪري وڏن ناٽڪن کان اڳ يا وچ تي ڏيکاريا ويندا هئا. جيئن ڏسندڙ کِلي کِلي گهر واپس وڃن. " اهڙن ناٽڪن ۾ گهڻو زور مسخريءَ تي ڏنل هوندو هو. حقيقتن کي وڌائي، مبالغي کان ڪم وٺي مذاق پيدا ڪبو هو. جن ۾ واقعن، ڪردارن ۽ نظارن جو صرف ڪو نہ ٿيل هوندو هو. هر هر پردا لاهڻا چاڙهڻا پوندا هئا. ... اهڙا تمام ٿورا ناٽڪ هئا، جن ۾ ڳنڀير نوع زندگيءَ کي حقيقت نگاريءَ سان پيش ڪيو ويو ۽ ساڀيا ۾ جيوت جي مسئلن کي سلجهائڻ جي ڪوشش ڪئي وئي '.3

1930ع ۾ سنڌي نندو ناٽڪ بہ نئين روپ ۾ سامهون آيو. جنهن کي يڪ فصلو يا ايڪانڪي طور سڃاتو ويو. سنڌي ننڍي ناٽڪ جو اهو روپ هنديءَ جي يڪبابي ۽ انگريزيءَ جي (One Act Play)جهڙو ئي هو. فني توڙي عملي حوالي سان حقيقت جي گهڻو ويجهو هو. ان نئين انداز جو باني منگها رام ملڪاڻي هو. هن سنڌي ننڍي ناٽڪ / ايڪانڪي (One act Play) کي جيڪو عروج ڏنو، اهو ڪنهن ٻئي جي حصي نہ آيو. پروفيسر منگهارام ملڪاڻيءَ جي ادبي خدمتن جو ذڪر ڪرڻ کان اڳ سندس حياتيءَ جو احوال ڏجي ٿو.

## حياتيءَ جو احوال:

پروفيسر منگها رام ملڪاڻيءَ جو جنم 24 ڊسمبر 1896ع تي حيدرآباد سنڌ

۾ ٿيو. سندس پيءُ اُڏارام شيوڪرام خدا آبادي عامل زميندار هو. حيدرآباد جا خدا آبادي عامل هن شهر جو پايو وجهندڙن مان هئا. سنڌ جي هندن جي تاريخ لکندڙ پيرومل مهر چند آڏواڻي سندس حسب نسب بابت لکي ٿو تہ ” حيدرآباد ۾ ملڪاڻين جون بہ آکهيون آهن. هڪڙن ملڪاڻين جي نک اروڙا آهي. جي رائچند ملڪاڻيءَ جو اولاد آهن. ٻي نک درڙي آهي. حيدرآباد ۾ سندن علائقو ملڪاڻي گهٽي سڏجي ٿو. درڙي نک وارن ملڪاڻين جو وڏو ڏاڏو ’ملڪ مل‘ هو“.4

منگها رام ملڪاڻيءَ جي ڏاڏاڻي خاندان مان ديوان صاحبراءِ جو پٽ منشي آواتراءِ ملڪاڻي، مير صوبدار خان جو مالياتي وزير هو. 1843ع ۾ جڏهن سر چارلس نيپيئر سنڌ فتح ڪئي. تنهن وقت ميرن جو خزانو حيدرآباد واري قلعي ۾ هو ۽ خزاني جون چاٻيون منشي آوتراءِ وٽ هيون. ” انهيءَ سبب سر چارلس نيپيئر ملڪاڻي گهٽيءَ بہ ويو هو. هن منشي آوتراءِ کان ڪنجيون گهريون پر هن انڪار ڪيو تہ هو ميرن جي حڪمن کانسواءِ چاٻيون سندس حوالي نہ ڪندو. جنهن تي هو واپس هليو ويو. آواتراءِ ميرن کي ايترو تہ ويجهو هو، جو ڪيس ميرن جي گهرن جي ڏيڍيءَ وٽ ٻيهڻ جي اجازت هوندي هئي“. 5

منشي آواتراءِ ميرن جي صاحبيءَ کانپوءِ چارلس جي زور پرڻ تي ڪيس حڪومتي معاملن ۾ صلاحون ڏنيون هيون. پيرو مل مهر چند آڏواڻي اڳتي هلي لکي ٿو تہ ” انهيءَ خاندان جي گدو مل جو فرزند ديوان مولچند آهي.مولچند کي بہ پٽ ديوان هر راءِ ۽ ديوان ميارام، جنهن جو فرزند ديوان ڪشنچند هو. ان جو پٽ ديوان شيوڪ رام ڪشنچند هو. ديوان شيوڪ رام جو مربي فرزند ديوان اڏارام 1869ع ڌاري ڄائو هو. مئٽرڪ پاس ڪري، ميڊيڪل ۾ گهڙيو، مگر تندرستي نہ هئڻ سبب سگهو ئي پڙهڻ ڇڏي ڏنائين.هو 1928ع ۾ ديهانت ڪري ويو. ڪيس ٽي پٽ منگهارام اُڏا رام ملڪاڻي، عالمچند ۽ موتيرام آهن. ٻيا ٻئي ٻائر زميندراي سنڀاليندا آهن“.6

منگهارام ملڪاڻيءَ جو تعلق حيدرآبادي عاملن جي انتهائي پڙهيل لکيل خاندان سان هو. سندس سئوٽ ڊاڪٽر ڪيمچند هو. جيڪو بمبئي يونيورسٽيءَ جو رجسٽرڊ اڪين جو ڊاڪٽر هو.هن 1903ع ۾ حيدرآباد ۾ اکين جي خيراتي اسپتال کولي، جنهن ۾ تنهن دؤر ۾ بيمارن کي رهائڻ جو بہ بندوبست ٿيل هوندو هو. ننڍي ڪنڊ جو مشهور هدايتڪار موتيرام بي گدواڻي سندس سئوٽ شريمتي ڏني ٻائي جو پٽ هو. جنهن فلمسازيءَ جي تعليم ولايت مان ورتي هئي. هن شروع ۾ لاهور ۾ ڪجھہ فلمن جي هدايتڪاري ڪئي. پر بعد ۾ بمبئي هليو ويو. جتي هن 20 کان وڌيڪ فلمون ناهيون. جنهن هڪ فلم خانچند درياڻيءَ جي سنڌي اسٽيج ناٽڪ ’ انسان کي شيطان‘ تان ترجمو ڪري ’ انسان يا شيطان‘ جي نالي سان ناهي هئي. ان فلم ۾ هيرو جو ڪردار منگهارام ملڪاڻيءَ ڪيو هو. جڏهن تہ اداڪاره نرگس جي والده ۽ سنجي

دت جي ناني ’جدن بائي‘ به هئي. ان فلم ۾ سنڌ جي مشهور مسخري ’ گوپ ڪملاڻيءَ‘ اداڪاري ڪئي هئي. جنهن بعد هن به هميشه لاءِ بمبئي وڃي وسائي.

منگھارام ملڪاڻيءَ جو پيءُ اُڌارام ملڪاڻي روشن خيال شخص هو. منگھارام اسڪولي تعليم گورنمينٽ هاءِ اسڪول ۾ ورتي. منگھا رام ملڪاڻي سنڌ جي هڪ وڏي استاد غلام علي نانا جو شاگرد هو، جنهن وٽ هو ٻيون درجو پڙهيو. سندس شخصيت کي متاثر ڪندڙ ٻيو استاد وليرام آئل مل ٽڏاڻي هو، جنهن وٽ هو چوٿون ۽ ڇهون درجو پڙهيو هو.” خانداني تعلق هئڻ سبب ساڌو هيرانند ۽ ڏيارام گدومل سندس ٻن پڦين کي انگريزي ۽ سنسڪرت پڙهائڻ لاءِ گھر ۾ ايندا هئا“.7 سندس خاندان جو ويجهو تعلق ديوان ڪوڙيمل سان به هو .

”منگھارام جڏهن اجا ڇهين درجي ۾ هو ته کيس ناٽڪن ۾ ڀاڱي ۽ اداڪاري ڪرڻ جو موقعو مليو. هو بمبئي يونيورسٽي پاران ورتل مئٽرڪ جي امتحان ۾ سڄي سنڌ اندر چوٿون نمبر آيو ۽ پنهنجي اسڪول ۾ پهريون نمبر بيٺو، جنهن تي کيس 25 رپيا انعام مليو. انهن پئسن مان هن 17 ڪتاب خريد ڪري اچي پنهنجي گھر ۾ لائبريري ٺاهڻ جي شروعات ڪئي. منگھارام ڪراچيءَ ۾ اچي ڊي جي سنڌ ڪاليج ۾ داخلا ورتي. هو ڪاليج ۾ تعليم سان گڏ ڊبيٽنگ، راڳ، ناٽڪ، ادب ۽ راندين ۾ سرگرميءَ سان حصو وٺندو رهيو“.8

ملڪاڻي صاحب، مرزا قليچ بيگ جي ناٽڪ ’ نيڪي ۽ بدي‘ ۾ زنانو ڪردار ادا ڪيو هو. سندس شادي ڪاليج ۾ پڙهائي دوران پيءُ جي زور ڀرڻ تي ٿي. هن 1919ع ۾ بي اي جو امتحان پاس ڪيو. سندس خانداني زمينداري ٺٽي محمد خان ۾ هئي. پنهنجي پيءُ جي ضعيف عمر سبب هن زمينداري سنڀالي. هن چار پنج سال زمينداري ڪئي.

منگھارام ملڪاڻيءَ جي علمي، ادبي ۽ خاص طور تي ناٽڪن سان دلچسپيءَ سبب کيس پهريائين ڊي جي سنڌ ڪاليج ۾ انگريزي فيلو ڪري رکيو ويو. ان ڏس ۾ شوڪت حسين شوري لکيو آهي ته ” منگھارام جڏهن پنهنجي ٻنين تي هو ته کيس ڊي جي سنڌ ڪاليج جي پرنسپل شهاڻي جو نياپو مليو ته ڪراچيءَ اچ ته انگريزي فيلو ڪري رکانءِ. پيءُ سندس مرضي ڏسي، کيس موڪل ڏني. منگھارام کي هاسٽل جو وارڊن به ڪري رکيو ويو. اڳتي هلي ليڪچرار ۽ پوءِ (نائب) پروفيسر ٿيو. هاڻي پروفيسر منگھارام ملڪاڻي سڏجڻ لڳو. دادا جشن واسواڻي ۽ پروفيسر احمد علي خواجه (مشهور ليکڪ خيرالنساءَ جعفري جو والد) سندس شاگرد هئا“ . 9

پروفيسر منگھا رام ملڪاڻيءَ جو مضمون انگريزي هو. جيڪو ڊي جي ڪاليج ۾ پڙهائيندو به هو. تڏهن اُتي پيرو مل مهرچند آڏواڻي ۽ لعل چند امر ڏنو مل سنڌيءَ جا استاد هئا. پر ”سنڌي ٻوليءَ سان لڳاءَ ۽ سندس ادبي پورهئي کي ڏسي ڊي

جي ڪاليج جي پرنسپال بڻائيءَ ڪيس انگريزيءَ سان گڏ سنڌيءَ جو نائب پروفيسر مقرر ڪيو". 10

ورهاڱي ڪانپوءِ پروفيسر ملڪاڻي پنهنجن ٻن پٽن ۽ هڪ ڌيءَ سان گڏ بمبئي لڏي آيو. اتي جئه هند ڪاليج ۾ انگريزيءَ جو پروفيسر ۽ شعبي جو اڳواڻ مقرر ٿيو.

پروفيسر ملڪاڻي انڊيا ۾ سنڌي ادب ۽ سنڌيت جي هلچل ۾ هڪ رهبر طور ڪم ڪيو. اها هلچل بمبئي جي "سنڌي ساهت منڊل" طرفان 1949ع کان شروع ٿي هئي. سنڌي ساهت منڊل سنڌي ٻولي ۽ ثقافت کي جيئارڻ لاءِ جدوجهد ڪئي. هن جي رهبريءَ هيٺ سنڌي ساهت منڊل سنڌي ناٽڪ کي ٻيهر جيئارڻ ۾ به اهم ڪردار ادا ڪيو. سنڌي ٻوليءَ کي ڀارت جي ٻين ٻولين جيان سرڪاري ٻولي تسليم ڪرائڻ لاءِ شروعاتي جدوجهد به سنڌي ساهت منڊل ڪئي هئي. 1956ع ۾ ايشيا جي ليکڪن جي ڪانفرنس جيڪا دهليءَ ۾ ٿي هئي، ان ۾ سنڌس سرواڻيءَ ۾ سنڌي اديبن ۽ عالمن جي وفد ڀارت جي تڏهوڪي صدر ڊاڪٽر راجيندر پرساد سان ملاقات ڪري سنڌيءَ کي ڀارتي آئين جي اٺين شيڊيول ۾ شامل ڪرڻ جو مطالبو ڪيو هو. نيٺ 10 اپريل 1967ع تي ڀارت جي سنڌين جو اهو مطالبو تسليم ٿيو ۽ سنڌي ٻولي ڀارت جي آئين جي اٺين شيڊيول جو حصو بڻجي وئي. پروفيسر ملڪاڻي 13 سال ان جو صدر چونڊبو رهيو، جيستائين هو ڪاليج مان رٽائر ڪري پنهنجي پٽ وٽ ڪلڪتي ۾ وڃي رهيو. پروفيسر ملڪاڻي آخري گهڙيءَ تائين سنڌي ٻولي، ثقافت ۽ ادب جي خدمت ڪندو رهيو. هن 84 ورهين جي ڄمار ۾ پهرين ڊسمبر 1980ع تي هن دنيا مان لاڏاڻو ڪيو.

## ادبي خدمتون:

جيئن مٿي ذڪر ٿي چڪو آهي ته منگهارام ملڪاڻيءَ جو تعلق سنڌ جي پڙهيل لکيل عامل هندن جي خاندان سان هو. تنهن دؤر ۾ حيدرآباد سنڌ ۾ علم ، ادب ۽ ثقافت جو مرڪز هوندي هئي. ملڪاڻي صاحب به پنهنجي ادبي سفر جي شروعات حيدرآباد کان ڪئي. هن جي پرورش علمي گهراڻي ۾ ٿي، جنهن جو مٿس تمام گهرو اثر ٿيو. سندس رهبري مرزا قليچ بيگ جهڙي وڏي عالم ڪئي. "هن شاهه عبداللطيف ڀٽائي ۽ ٽئگور جي شاعريءَ کي پڙهڻ ۽ ترجمي ڪرڻ جو ڪم شروع ڪيو. شاهه جي رسالي مان ڪجهه بيت چونڊي انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪيائين ۽ اهي ڪٽي وڃي مرزا قليچ بيگ کي نظرثانيءَ ڪرڻ لاءِ ڏنائين. مرزا صاحب اهو ترجمو پڙهي، کيس شاباس ڏني". 11 هن ٽئگور جي ڪتاب" گارڊنر" جو ترجمو نظماڻي نثر ۾ ڪيو، جيڪو "پريت جا گيت" نالي سان سنڌيءَ ۾ ڇپيو. ورهاڱي بعد هن جيڪو

ڦهريون ڪتاب لکيو، سو هو ”ادبي اصول“ جنهن ۾ نثر ۽ نظم جي مختلف صنفن جا اصول سمجهايل آهن. ان ڪانسواءِ هو ادبي تاريخ ۽ تنقيدي ليک ۽ ڪتابن تي تبصرا لکڻ لڳو. سندس شاهڪار ڪتاب ”سنڌي نثر جي تاريخ“ آهي، جيڪو 1968ع ۾ شايع ٿيو ۽ ان تي ڪيس ساهتيه اڪيڊميءَ جو انعام مليو. هي ڪتاب سنڌي ناٽڪ جي تاريخ تي تحقيق لاءِ بنيادي دستاويز آهي. جڏهن ته ”ڀارت ۾ سنڌي ساهت جو مختصر جائزو“، ”ڀارت ۾ سنڌي ساهت جي سما لوچنا“، ”ڇچمي ياترا“ (سفر نامو)، ”ساهتڪارن جون سمرتيون“ ڪتابن ڪان سواءِ ”جوانيءَ جا جذبا ۽ پيريءَ جون يادون“ سندس نظماڻي نثر جو مجموعو آهي.

ادب سان هن جي دلچسپيءَ جو اندازو ان ڳالهه مان به لڳائي سگهجي ٿو ته جڏهن ورهاڱي وقت ماڻهو جان بچائڻ ۾ پورا هئا ته هن کي پنهنجي گهر، ملڪيت يا ڪنهن ٻي شيءِ جو فڪر نه هو، پر هو پنهنجن ڪتابن ۽ ادبي پورهئي جي حفاظت لاءِ فڪرمند هو. هن کي ڪتاب ايترا ته عزيز هئا جو هو ڳوٽيون ڀرائي هندستان کڻي ويو.

## ناٽڪ نويسي، اداڪاري، هدايتڪاري ۽ ناٽڪ منڊلين جي سرپرستي:

سنڌ ۾ ناٽڪ رڳو تفريح لاءِ نه پر تعليمي ۽ اصلاحي مقصدن لاءِ رچايا ويندا هئا، انهن جي سرپرستي تڏهوڪا وڏا عالم، اديب، ڊاڪٽر، پروفيسر، جج، استاد ۽ واپاري ڪندا هئا. جڏهن ڊي جي ڪاليج ڪراچيءَ جي شاگردن لاءِ هاسٽل جي ضرورت محسوس ٿي ته تڏهن هاسٽل ٺهرائي ڏيڻ وارو ڪير به نه هو. پوءِ ڊي جي ڪاليج جي استادن ۽ شاگردن گڏجي اها رٿ رٿي ته جيڪڏهن ان مقصد لاءِ ناٽڪ ڏيکاري سرنديءَ وارن کان رقم ڪٺي ڪئي وڃي ته ان سان هاسٽل لاءِ چڱو موچارو چندو جمع ٿي سگهي ٿو. ان رٿا هيٺ 1894ع ۾ ”ڏيا رام جيٺمل سنڌ ڪاليج ناٽڪ منڊلي“ قائم ڪئي وئي. جنهن جي سرپرستي تنهن وقت جي پرنسپال ڊاڪٽر جٿڪسن ۽ پارسي وائيس پرنسپال بادشاهه جي اُدم ڪئي. اها ناٽڪ منڊلي بعد ۾ ”ڊي جي سنڌ ڪاليج ناٽڪ منڊليءَ“ جي نالي سان مشهور ٿي. تڏهن ملڪاڻي صاحب جي عمر اجا به سال مس هئي.

منگهارام ملڪاڻيءَ ناٽڪن جي شروعات شوقيه اداڪار جي حيثيت سان حيدرآباد مان ڪئي. تنهن دؤر ۾ مرزا قليچ بيگ، ماسٽر جيٺانند ڪلٽداس پريائي، ڪوڙو مل چندن مل، ليلا رام سنگهه وطڻ مل، ڏيئو مل گاگن مل، گاگنداس آڏواڻي، ديوان ناڪر داس، لعل چند امر ڏنو مل، موتو مل گدواڻي، ڪشنچند بيوس، جهمٽ مل تڏاڻي، پيرو مل مهرچند آڏواڻي، چاندو مل ڪتري، ليلا رام ماکيجاڻي، نانڪرام ڌرمداس ۽ ٻيا وڏي ناٽڪ (Full length drama) جا وڏا نالا هئا، اهو زمانو 1880ع کان 1905ع تائين جو هو.

نئين ناٽڪ جي پيڙهه بہ مرزا قليچ بيگ رکي. سندس پهريون نئون ناٽڪ "لوپي ۽ نوڪي" هو، جيڪو 1895ع ۾ "ڊي جي سنڌ ڪاليج ناٽڪ منڊلي" پاران رچايو ويو هو. ان بعد ڪجهہ ٻين ناٽڪ نويسن نوان ناٽڪ (ايڪانڪي) لکيا. پر سڀ کان وڌيڪ نوان ناٽڪ خانچند شامداس درياڻيءَ جا مشهور ٿيا. هن 1919ع ۾ پهريون ناٽڪ "گلاب جو گل" لکيو. جيڪو ڏيتي ليتيءَ جي خلاف هو. سندس ناٽڪن جا موضوع سماجي هئا. هو منگهارام سان گڏ ڪاليج ۾ پڙهيو هو. درياڻي صاحب جي گهڻن ناٽڪن ۾ منگهارام هيرو جا ڪردار ادا ڪيا هئا.

خانچند ۽ منگهارام، بزرگ اديبن لعلچند امرڏني مل، ڄيٺمل پرسرام ۽ هيرانند آڏواڻيءَ جي ساٿ ۾ سهڪار سان 1923ع ۾ "رابندر ناٿ لٽرري ۽ ڊرئمٽڪ ڪلب" حيدرآباد ۾ برپا ڪئي. جنهن مهورت رابندر ناٿ ٽئگور پاڻ پنهنجن هٿن سان ڪئي. منگهارام ملڪاڻي ان تقريب کي ڪامياب بڻائڻ جي لاءِ ڏاڍي محنت ڪئي. ٽئگور جي شاعري ۽ سندس ناٽڪ "چترا" مان انگريزيءَ ۾ هڪ ڊيڪ سان گڏ، سنڌي ٻوليءَ جو سواد وٺائڻ لاءِ هڪ مذاقي ڇهچٽو(مزاحيہ ايڪانڪي) بہ شامل ڪيو ويو. رابندر ناٿ لٽرري ۽ ڊرئمٽڪ ڪلب، اهو پروگرام اڪيڊمي اسڪول جي جيڪب هال حيدرآباد ۾ ٽئگور جي آڏو پيش ڪيو. "منگهارام ملڪاڻيءَ جي چوڻ موجب ٽئگور جهڙي اعليٰ هستيءَ جي اڳيان ڪلچرل پروگرام ڏيکارڻ لاءِ جگر کپندو هو. پردو مٿي کڄيو تہ پوءِ ڇا ٿيو، ان جي منگهارام کي ڪا خبر نہ پئي. اسم پنيان اسم ٿيندو رهيو ۽ هال ۾ تاڙين جو ٺهڪو پوندو رهيو. ٻئي ڏينهن ڄيٺمل پرسرام، منگهارام کي نياپو موڪليو تہ ٽئگور توسان ۽ ٿهلرام آڏواڻيءَ سان ملڻ چاهي ٿو. ٿهلرام ناٽڪ ۾ زنانو ڪردار ادا ڪيو هو. ٽئگور ٻنهي جي ڪم جي ساراهہ ڪئي ۽ کين پاڻ سان گڏ نيرن بہ ڪرائي. ڪچهري ڪندي گرديو کين چيو تہ، " اوهان جو سنڌيءَ ۾ ڪلائيندڙ نقل بہ پسند پيم. ٻوليءَ سمجهڻ ڪانسواءِ بہ مطلب سمجهي ويس ۽ خوب کليم'. جنهن تي کيس ڄيٺمل پرسرام ٻڌايو تہ: اهو ٽُڪرو اسان جي برک ليکڪ مرزا قليچ بيگ جي ناٽڪ ' نيڪي ۽ بدي' مان ورتل هو. نيرن ختم ٿيڻ کان پوءِ ٽئگور هنن سان هٿ هٿ ۾ ڏئي ٻاهر تائين ڇڏڻ آيو ۽ حيدرآباد جي ماڻهن کان موڪلائي ڪندي چيائين: شال ناٽڪ منڊلي وڌي ويجهي، منهنجي آسيس اٿو". 12

دنيا جي عظيم مفڪر جي واتان چيل اهي لفظ يقينن منگهارام ملڪاڻي جي اعليٰ فن لاءِ سند جو درجو رکن ٿا. ٽئگور جي هٿن سان مهورت ڪيل هيءَ ناٽڪ منڊلي، تنهن دؤر ۾ سنڌ جي ادبي ۽ ثقافتي تاريخ ۾ وڏي اهميت رکندي هئي. جنهن 15 سالن جي عرصي ۾ ٽيهارو کن جديد حقيقت نگاريءَ وارا ناٽڪ پيش ڪيا. منگهارام ملڪاڻي انهن مان ڪيترن ۾ اداڪاري بہ ڪئي تہ ڪن جي هدايتڪاري بہ. خانچند درياڻيءَ جي ناٽڪن جهڙوڪ "ملڪ جا مدبر"، "بک جو شڪار" ۽ "زماني

جي لھر" ۾ هن يادگار ڪردار ادا ڪيا. "درياڻيءَ جي اصلوڪي ۽ اهم ناٽڪ 'زميندار ي ظلم' (1928ع) ۾ منگھارام هڪ پيرمرد مظلوم هاريءَ، دلمراد جو ڪردار ڪماليت سان ادا ڪيو. خانچند درياڻي، بعد ۾ سنڌ ڇڏي بمبئيءَ ۾ وڃي فلمي دنيا ۾ گھڙيو. خانچند درياڻي جي بمبئي وڃڻ سبب رابندر ناٿ ناٽڪ منڊلي کي وڏو نقصان رسيو. البت منگھارام کي فلمي دنيا پسند نہ آئي، ان ڪري موٽي آيو". 13

منگھارام ملڪاڻيءَ کي ننڍي ناٽڪ سان دلچسپي خانچند درياڻيءَ جي صحبت ۾ وڌي، اڳتي هلي هن سنڌي ننڍي ناٽڪ کي حقيقت نگاري وارو جديد ايڪانڪي (One Act Play) بڻايو. هن پهريون ناٽڪ "قسمت" 1927ع ۾ لکيو، جيڪو نابلاڪ جي ناٽڪ جو ترجمو هو. اهو ناٽڪ رابندر ناٿ لٽريري ۽ ڊرئميٽڪ ڪلب، ڪراچيءَ پاران ڏيکاريو ويو. ان بعد 1929ع ۾ هن زئنگول جي ناٽڪ 'Melting Pot' جو الٿو 'ايڪتا جو آلاپ' نالي سان ڪيو. ملڪاڻي صاحب پهريون اصلوڪو سماجي ناٽڪ 'ڪن جي خطا' 1930ع ۾ لکيو. هن 4 وڏا ۽ 34 ننڍا ناٽڪ لکيا، جنهن ڪري کيس سنڌي ننڍي ناٽڪ جي باني يا اَبي The Grand Old Man of 'Sindhi Plays' جو اعزاز مليو. سندس ناٽڪن جو تفصيل هن ريت آهي.

| سال | ناٽڪ | ڪيفيت | رچائيندڙ يا ڇپائيندڙ |
|---|---|---|---|
| 1927 | قسمت | نابلاڪ جي ناٽڪ تان ورتل | رابندر ناٿ لٽريري ۽ ڊرئميٽڪ ڪلب، ڪراچي، |
| 1929 | ايڪتا جو آلاپ | زئنگول جو Melting Pot | رابندر ناٿ لٽريري ۽ ڊرئميٽڪ ڪلب، حيدرآباد، |
| 1930 | ڪن جي خطا | اصلوڪو سماجي ناٽڪ | رابندر ناٿ لٽريري ۽ ڊرئميٽڪ ڪلب، ڪراچي، |
| 1930 | پاپ جو ڪيتو | اصلوڪو ننڍو ناٽڪ | ڦُلواڙي مخزن، حيدرآباد. |
| 1931 | ناخلف | اصلوڪو ننڍو ناٽڪ | سنڌ ڪاليج مسلني مخزن، ڪراچي. |
| 1931 | پاپ ڪين پڄ | اصلوڪو ننڍو ناٽڪ | سنڌ ڪاليج مسلني مخزن، ڪراچي. |
| 1932 | اولاد | اصلوڪو گھريلو ننڍو ناٽڪ | رابندر ناٿ لٽريري ۽ ڊرئميٽڪ ڪلب، ڪراچي، |
| 1932 | ٻہ ڀاهيون | اصلوڪو گھريلو ننڍو ناٽڪ | سنڌ ڪاليج مسلني مخزن، ڪراچي |

| سال | ناٽڪ | ڪيفيت | ڇپائيندڙ يا ڇپائيندڙ |
|---|---|---|---|
| 1933 | سمنڊ جي گجڪار | اصلوڪو گهريلو ننڍو ناٽڪ | سنڌ ڪاليج مسلني مخزن، ڪراچي |
| 1934 | ميلاپ | اصلوڪو سماجي ننڍو ناٽڪ | شنڪر ايميچوئرس ڊرئميٽڪ سنستا، سکر. |
| 1934 | ضعيف انسان | اصلوڪو سماجي ننڍو ناٽڪ | سنڌو مخزن، شڪارپور. |
| 1935 | ٽي پارٽي | اصلوڪو سماجي ننڍو ناٽڪ | شاهاڻي اسڪول ناٽڪ منڊلي، ڪراچي. |
| 1935 | دل ۽ دماغ | اصلوڪو سماجي ننڍو ناٽڪ | سنڌو مخزن، شڪارپور، |
| 1937 | انارڪلي | تاريخي ناٽڪ | رابندر ناٿ لٽرري ۽ ڊرئميٽڪ ڪلب، ڪراچي. |
| 1937 | پريت جي ريت | اصلوڪو سماجي ننڍو ناٽڪ | اي جي وي هاءِ اسڪول مخزن، ڪراچي. |
| 1937 | ٻٽئي | اصلوڪو سماجي ننڍو ناٽڪ | سنڌو مخزن، شڪارپور. |
| 1938 | اڪيلي دل | اصلوڪو سماجي ننڍو ناٽڪ | ’پنگتي پردا‘ مجموعو. رتن ساهتيه منڊل، ڪراچي. |
| 1938 | ٻي دل | اصلوڪو سماجي ننڍو ناٽڪ | ’پنگتي پردا‘ مجموعو. رتن ساهتيه منڊل، ڪراچي. |
| 1938 | ٻه پينر | اصلوڪو سماجي ننڍو ناٽڪ | ’پنگتي پردا‘ مجموعو. رتن ساهتيه منڊل، ڪراچي. |
| 1938 | ماتا جي مامتا | اصلوڪو سماجي ننڍو ناٽڪ | سنڌو مخزن، شڪارپور. |
| 1939 | دلسوز داستان | شيڪسپيئر جو Midsummer Night’s Dream ترجمو | سنڌ ڪاليج ناٽڪ منڊلي، ڪراچي. |
| 1939 | ليڊيز ڪلب | اصلوڪو سماجي مزاحيه ننڍو ناٽڪ | رابندر ناٿ لٽرري ۽ ڊرئميٽڪ ڪلب، حيدرآباد. |

| سال | ناٽڪ | ڪيفيت | رچائيندڙ يا ڇپائيندڙ |
|---|---|---|---|
| 1939 | پتا جو پاپ | پيءُ جي پاپ سبب پيءُ پاءُ جو پيار | سنڌو مخزن، شڪارپور. |
| 1940 | ڪوڙي ڪلنڪ | اصلوڪو سماجي ننڍو ناٽڪ | سنڌ ڪاليج مسلني مخزن، ڪراچي. |
| 1940 | بئراج | اصلوڪو سماجي ننڍو ناٽڪ | سنڌو مخزن، شڪارپور. |
| 1943 | شانتا | مئٽرلنڪ جو Pelleas and Milesande | رتن ساهتيہ منڊل، ڪراچي. |
| 1967 | پريم جي سيجا | سماجي ننڍو ناٽڪ | 'ڪٽر ڪٻيتا پيا ٽمڪن' مجموعو، ساهت ڏارا دهلي. |
| 1967 | چڪر ۾ ڦول | سماجي ايڪانڪي | 'ڪٽر ڪٻيتا پيا ٽمڪن' مجموعو، ساهت ڏارا دهلي. |
| 1967 | سونهن جو نماءُ | ننڍو ريڊيو ناٽڪ | 'ڪٽر ڪٻيتا پيا ٽمڪن' مجموعو، ساهت ڏارا دهلي. |
| 1967 | ڪُٽر ڪُٻيتا پيا ٽمڪن | سماجي ننڍو ناٽڪ | 'ڪٽر ڪٻيتا پيا ٽمڪن' مجموعو، ساهت ڏارا دهلي. |
| 1976 | پاپ جون پاڙون | نسلي وڇوٽي تي ٻڌل ايڪانڪي | 'آخرين پيتا' مجموعو- شويا پبليڪيشن، بمبئي. |
| 1976 | پيءُ ۽ ڌيءُ | سماجي ننڍو ريڊيو ناٽڪ | 'آخرين پيتا' مجموعو، شويا پبليڪيشن، بمبئي. |
| 1976 | پيار ڪو پئسو | نسلي وڇوٽي تي ٻڌل ريڊيو ناٽڪ | 'آخرين پيتا' مجموعو- شويا پبليڪيشن، بمبئي. |
| 1976 | روپ ۽ ڪلا | فن جي قدرن تي ٻڌل ريڊيو ناٽڪ | 'آخرين پيتا' مجموعو- شويا پبليڪيشن، بمبئي. |
| 1976 | هوگليءَ جي ڪناري | سماجي ننڍو ناٽڪ | 'آخرين پيتا' مجموعو- شويا پبليڪيشن، بمبئي. |
| 1979 | جيون ناس | سماجي ننڍو ناٽڪ | 'سمنڊ جي گجڪار' مجموعو- ڪونج پبليڪيشن ، بمبئي. |

هن گهڻي ۾ گهڻا ناٽڪ سنڌ ۾ لکيا، هتي سندس ناٽڪن جا ٻه مجموعا شايع ٿيا. جن مان 1937ع ۾ شايع ٿيل پهرين مجموعي ”پنج نئيا ناٽڪ“ ۾ سندس پنج ناٽڪ ’پاپ ڪين پچ‘، ’ ٻه ٻاهيون‘، ’ ٽي پارٽي‘، ’ پريت جي ريت‘ ۽ ’ ٻٽئي‘ شامل هئا. 1938ع ۾ شايع ٿيل سندس مجموعي ” پنگتي پردا“ ۾ هن جا چار ناٽڪ ’ ليڊيز ڪلب‘، ’ اڪيلي دل‘، ’ ٻي زال‘ ۽ ’ ٻه پينر‘ شامل هئا.جڏهن ته ورهاڱي ڪانپوءِ سندس ناٽڪن جا پنج مجموعا شايع ٿيا. جيڪي هن ريت آهن. (1). جيون ڇهڇٽا ’1957ع‘، (2). پاپ ڪين پچ ’ 1960ع‘ (3). ڪڙ ڪٻيتا پيا ٿمڪن ’1967ع‘، (4). آخرين پيٽ ’1975ع‘ ۽ (5). سمنڊ جي گجڪار ’ 1979ع‘ . 1930ع کان 1943ع تائين سنڌ ۾ سندس 24 ناٽڪ شايع ٿيا. جڏهن ته سندس اڪثر ناٽڪ منچ تي ايندا ويا.

## منگها رام ملڪاڻيءَ جي ناٽڪن جو جائزو:

منگها رام ملڪاڻي شيڪسپيئر جي ان قول جو حامي هو ته ’ناٽڪ زندگيءَ جي آرسي آهي‘. سندس حقيقت نگاريءَ وارا نئيا ناٽڪ سندس شخصيت، گهر ياتين، متن مائٽن ۽ دوستن يارن جي ذاتي ڪهاڻين تي مشتمل هئا، جن کي هن وڏي دليريءَ سان ڏسندڙن آڏو پيش ڪيو. هن تخليقي معاملي ۾ ڪنهن سان ڪا به رعايت نه ڪئي. سندس ناٽڪن جا گهڻا موضوع سندس ڄاتل سڃاتل هئڻ ڪري حقيقي نظر اچن ٿا. هن ذاتي، گهريلو، سماجي ۽ قومي اوڻاين کي وائکو ڪيو. ”هن جو ناٽڪ چڪڻ ۾ قول (1967ع) هڪ وڌشيا جي موضوع تي آهي. جيڪو هن پنهنجي جهوني استاد ۽ دوست آئل مل ٽنڊاڻيءَ جي زندگيءَ جي هڪ باب کان متاثر ٿي لکيو آهي“. 14

سندس ناٽڪ ’ اڪيلي دل‘ (1938ع) سنڌ جي هڪ ڏاهي ماڻهو رشي ڏيا رام گدو مل جي جيوت تي طنز آهي. رشي ڏيا رام گدو مل هڪ نوجوان ڇوڪريءَ جو پاپ لڪائڻ لاءِ ٻئي جو گناهه پنهنجي ڳچيءَ ۾ وڌو ۽ پيريءَ ۾ ساڻس شادي رچائي هندستان هليو ويو. جنهن تي سنڌ ۾ وڏو ممڙ مَتو. اُرملا نالي ان ننڍي نيتي ڇوڪريءَ سان شادي ڪرڻ تي سنڌ جا ماڻهو هن مها پرش تي سخت ڪاوڙيل هئا. منگهارام ملڪاڻي ان موضوع تي ناٽڪ لکيو.

هو پنهنجي قلم سان ڪيترو سچو هو ان جو اندازو ان ڳالهه مان لڳائي سگهجي ٿو ته هن ’ ٻٽئي‘ ناٽڪ پنهنجي پيءُ اُڏا رام شيوڪ رام جي جيون تي لکيو. اهو ناٽڪ تڏهن لکيو، جڏهن هو والد سان گڏ زميناداري ڪندو هو. اهڙن حقيقي موضوعن تي ناٽڪ لکڻ پويان اصل مقصد سماجي جاڳرتا، اصلاح، نيڪيءَ جي پرچار ۽ بديءَ خلاف وڙهڻ هو. هن ناٽڪ ۾ نه رڳو سماجي ۽ گهرو جيوت جا نقشا چٽيا ويا پر سنڌ جي اقتصادي جيوت کي به بحث هيٺ آندو ويو. ان ناٽڪ جي

حوالي سان پروفيسر نارائڻداس ڀمڀاڻيءَ سنڌي نثر جي تاليف ڪيل ڪتاب ’ ادبي گلشن‘ (ڀاڱو 3 شايع 1945) ۾ لکيو هو: ”ٻنئي ناٽڪ جو هن انتخاب ۾ وڌو ويو آهي سو هڪ مکيہ مسئلي ڏانهن ڌيان ڇڪائي ٿو.زميندار ۽ هارين جو هڪ ٻئي ڏانهن ڪهڙو رُخ ٿيڻ گهرجي؟ هارين ۾ اڄ ڪلھ سمجهہ آئي آهي ۽ هو پنهنجا حق ڇڪين ٿا، ۽ اُهي زميندار جي اڳ هارين جي اڻجاڻائيءَ جو فائدو وٺي هنن کي تنگ ڪندا هئا، تن کي هارين اڳيان سر جهڪائڻو ٿو پوي. اها بلڪل سچي تصوير ان ننڍي ناٽڪ ۾ پيش ڪئي وئي آهي“. 15

پنهنجي ناٽڪن جي حوالي سان منگهارام ملڪاڻي لکي ٿو تہ ” 1945ع تائين مون ويهہ، پنجويهہ ننڍا ناٽڪ ڳنڍيير ، گهرو، پنگتي ۽ قومي مسئلن تي حقيقت نگاريءَ جي قاعدن موجب لکيا، جن ۾ انساني جيوت کي پيش ڪرڻ ۽ اُن کي بهتر بڻائڻ لاءِ ڪوشش ڪيم. منهنجو متو آهي تہ ساهت کي وندر سان گڏ سکيا پڻ ڏيڻي آهي ۽ منهنجو عقيدو آهي تہ زندگيءَ جون خاميون تڙي ڪڍجن ۽ انسان ذات کي خوشحال ڪرڻ لاءِ ناٽڪ ڪري ڏيکارڻ جهڙو ٻيو ڪو ڪارائتو واهڻ ڪونهي. ڇو جو زندگيءَ جا منظر اسٽيج تي اکئين ڏسڻ سان جو تاثر پيدا ٿئي ٿو، سو ڪتب خاني ۾ ڪتاب پڙهڻ سان تي ڪين سگهندو“. 16

پروفيسر منگها رام ملڪاڻيءَ کي اهو بہ اعزاز حاصل آهي تہ سندس ناٽڪ ’ ٽي پارٽي‘ اردوءَ ۾ ترجمو ڪري ريڊيو ناٽڪ جي صورت ۾ آل انڊيا ريڊيو تان 1943ع ۾ نشر ڪيو ويو.

منگها رام ملڪاڻيءَ جي ناٽڪ ’ پاپ ڪين پچَ‘ جو مکيہ ڪردار سندس سڳي ڀڻي ڪماري چترِ ٻائي هئي. جيڪا اڃا ٻن ٽن ورهين جي هئي تہ ڪنهن بيماريءَ سبب اکين جو نور وڃائي ويٺي. ساڌو هيرانند ڪيس گهر تعليم ڏيڻ ايندو هو. ” تنهن دؤر ۾ ڪيس سُڌ هئي تہ جن کي نرت ڪانهي، تن کي وديا ڏئي سگهجي ٿي. هو ڪماري چتر ٻائي کي انگريزيءَ جي تعليم ڏيڻ لاءِ هندستان جي جدا جدا شهرن مان وڃي، پاڻ (Brillie)سکي آيو. جنهن سان هوءَ گهڻي قدر انگريزي سکي وئي هئي. ساڌو هيرانند جي چالاڻي بعد هن ’ برل سسٽم‘ وسيلي سنسڪرت بہ سکي. هن ڪيترائي ڪتاب انگريزي، سنسڪرت ۽ سنڌيءَ ۾ ’ برل سسٽم‘ تحت پاڻ لکيا“. 17

تنهن زماني ۾ منگهارام ملڪاڻي جيئن تہ وڏيءَ بهادريءَ سان سماجي خرابين کي وائکو ڪيو، تنهن ڪري مٿس سخت تنقيد ڪئي وئي، تڏهوڪين اخبارن سندس خلاف باهہ ٻاري ڏني، هن کي همثائڻ بدران مٿس الزام مڙهيو ويو تہ هو معاشري ۾ فحاشي پيو ڦهلائي. ان جو هڪ سبب اهو بہ هو تہ مرزا قليچ بيگ پهريون ماڻهو هو ، جنهن سنڌي ناٽڪ کي ڊرامي اثر مان ٻاهر ڪڍي نج اصلاحي مقصدن لاءِ

ڪتب آندو. سندس پوئواري ڪشنچند بيوس ۽ خانچند درياڻيءَ بہ ڪئي، پر معاشرتي اوڻاين کي جنهن طريقي سان پروفيسر منگهارام ننگو ڪيو، ان جو رد عمل تہ اچڻو ئي هو. پر هن تنقيد ۽ اصلاح جي شروعات پنهنجي گهر کان ڪئي. سندس ناٽڪن ۾ الف ليلوي داستان يا ليلي مجنون جي عشق جي قصن بدران سنڌي سماج جا جيئرا جاڳندا ڪردار سندس ناٽڪن جا موضوع هئا. ان تنقيد تي پنهنجو بچاءُ ڪندي هن "پنگتي پردا" جي مهاڳ ۾ لکيو هو تہ "جهوني زماني جا افسانا، جن ۾ ديون، پرين جون ڪرامتون ۽ راجا راڻين جا ڪارناما هوندا هئا، يا عشق ۽ جنگ جي بازار گرم هوندي هئي، سي اڄ ناٽڪي صورت ۾ آڻجن تہ جيڪر عجيب يا ناممڪن پيا لڳن. اڄوڪي زماني ۾ عام ماڻهو جي ڪشمڪش ايتري قدر وڌي وئي آهي جو جيوت ۾ سنائي سهڻائي خير ڪا وڃي رهي آهي. اسان جي گهرو، پنگتي ۽ قومي زندگي اوڻاين سان ڀرپور آهي. شيڪسپيئر جي گفتي موجب، جيڪڏهن ' ناٽڪ زندگيءَ جي آرسي آهي' تہ اڄوڪن ناٽڪن ۾ اُنهن اوڻاين کي آڻڻ کانسواءِ رهي نٿو سگهجي". 18

پروفيسر ملڪاڻيءَ جي ناٽڪ 'ناخلف' جو مکيہ ڪردار ملڪاڻي صاحب جو پيءُ اُڌارام ۽ سندس ننڍو ڀاءُ عالمچند آهن. "اُڌارام، عالمچند کي ريهي ٻيهي پنهنجي زمينداري ڪم ۾ لڳائڻ ٿي چاهيو، پر عالمچند جي دل ننڍپڻ کان ئي سنگيت طرف مائل هئي. ناٽڪ جو اهو نوجوان پيءُ جي ٿيڪن جي ڪمن ۾ وڃڻ بجاءِ بمبئيءَ وڃي سئنيما جو فن سکڻ ٿو چاهي". 19

ان ناٽڪ جو مطلب اولاد تي زور زبردستي ڪرڻ بدران انهن جي رهنمائي ڪرڻ، سندن ڳالهہ ٻڌڻ ۽ پنهنجي ڏيان موجب مستقبل جي چونڊ ڪرڻ آهي. اهڙي ئي ڪهاڻي تي مشتمل بالي ووڊ جي سنڌي هدايتڪار راجڪمار هيراڻيءَ جي فلم ' ٿري اڊيٽس' آهي. جنهن ۾ نوجوانن کي پنهنجي مستقبل جو فيصلو پنهنجي ذهن آهر ڪرڻ جي ڳالهہ تي زور ڏنل آهي.

پروفيسر ملڪاڻيءَ جي ٻن ناٽڪن ' ٻي زال' ۽ ' بہ باهيون' جي ڪهاڻي پهرين زال جي گذاري وڃڻ بعد ٻي شاديءَ تي مشتمل آهي. اها ڪهاڻي بہ حقيقي ۽ ملڪاڻي صاحب جي گهر جي آهي. سندس والد اُڌارام پهرين زال جي گذاري وڃڻ بعد ٻي شادي ڪئي. جنهن سبب منگها رام ۽ سندس ڀاءُ عالمچند کي ماٽيلي ماءُ جا عذاب سهڻا پيا. هنن ناٽڪن وسيلي ٻي شاديءَ جا ناڪاري اثر سامهون آندا ويا. جڏهن تہ انهن ناٽڪن ۾ وڏي عمر ۾ جوان ڇوڪريءَ سان شادي ڪرڻ جي نقصانن کي بہ ڏيکاريو ويو آهي. اهڙي قسم جو ناٽڪ سندس دلي دوست خانچند درياڻي 'جيئري تي جيئري' لکيو هو.

" گهر ۾ ماٽيلي ماءُ اچڻ سان اهو گهر اُجڙي ٿو وڃي، اهو سبق پرائي، منگها

رام وچولي وهيءَ ۾ پنهنجيءَ زال جي گذاري وڃڻ بعد، ٻارن جي سک خاطر. پاڻ ٻي شادي نہ ڪئي ۽ ائين باقي عمر اڪيلائپ جي زندگي ڪاٽيائين".20 سندس اڪيلائيءَ جو احساس اسان کي سندس ٻين ناٽڪن 'دل ۽ دماغ'، 'اڪيلي دل' ۽ 'ٻہ ڀينر' ۾ بہ نظر اچي ٿو.

سندس ناٽڪ 'ٻہ ڀينر' ۽ 'دل ۽ دماغ' ۾ ٽيوشن پڙهندڙ ٻن نارين ۽ سندس استاد جي عشق تي لکيل آهي. اهو استاد ڪو ٻيو نہ پر خود ملڪاڻي صاحب هو. مطلب نيڪيءَ جي شروعات گهر کان ڪجي، جي مصداق هن تنقيد جي شروعات بہ پاڻ ۽ پنهنجي خاندان تي ڪئي آهي. اهڙو ناٽڪ نويس ورلي ئي نظر اچي. انهن ناٽڪن ۾ پنهنجي اِنهن ماستر ڪردارن جي طرفداري ڪندي هو چوي ٿو تہ " اهي بہ انسان آهن، جن جي اندر ۾ دل آهي ۽ پاڙهيندي پاڙهيندي، جي دليون اٽڪي وڃن تہ عجب ڪونهي، نڪو ڪو اُن ۾ گناهہ آهي".21 پروفيسر ملڪاڻي جو ناٽڪ' تي پارٽي 'تمام گهڻو مقبول ويو ۽ اڄ تائين اسٽيج ٿيندو پيو اچي. سندس ٻيو اهم ناٽڪ ' ليڊيز ڪلب' آهي. هن ناٽڪ جو موضوع سماجي لاڳاپن لاءِ ڪلب ويندڙ عورتون آهي، جنهن ۾ ٻڌايو ويو آهي تہ ليڊيز ڪلبن ۾ عورتون خراب ڪيئن ٿين ٿيون، اهو موضوع بہ اڄ جو ٿو لڳي. ناٽڪ 'سمنڊ جي گجڪار'، 'ڪوڙو ڪلنڪ' ۽ ' جيون ناس' سندس عشقن تي منحصر آهي. هو پاڻ بہ ان جو اعتراف ڪري ٿو. اهي ٽئي ناٽڪ هن سنڌ ۾ لکيا هئا، جنهن ۾ هن جي جوانيءَ جي عشقن جا داستان هئا. هن ناٽڪن ۾ ٻن پريمين کي ان ڪري ڌار ٿيندي ڏيکاريو ويو آهي، جو سنڌن ميلاپ مائٽن کي پسند ڪونهي.

ملڪاڻي صاحب ڪيترو نہ دور انديش هو، ان جو اندازو ان ڳالهہ مان لڳائي سگهجي ٿو تہ هن ڪٽنبي رٿابنديءَ جي ڳالهہ 1932ع ۾ ناٽڪ 'اولاد' ۾ ڪئي هئي. هن ، اِن ناٽڪ وسيلي اهو پيغام ڏنو هو تہ رٿابنديءَ کانسواءِ اولاد ڄڻن عقلمندي ناهي. ان ناٽڪ جو هڪ مڪالمو ڪيترو نہ اثرائتو آهي." اهو جهونو زمانو هو، جڏهن اولاد هڪ نعمت سمجهيو ويندو هو ۽ پيرن کان پِني ونبو هو. پر هن ڪئن سمي ۾ جڏهن ويلي ويلي لاءِ لٽ لڳي پئي آهي، تڏهن بنا هوند جي ٻي خيالو ٿي اڌ اُگهاڙا، اڌ بکايل ٻار پيدا ڪرڻ ڀاري گناهہ آهي". 22

هن تڏهوڪن هندن خاص طور تي مٿئين طبقي جي عاملن تي طنز 'ميلاپ' ۾ ڪئي آهي. اهو ناٽڪ هڪ عامل ڇوڪريءَ جي مائٽن جي مرضيءَ خلاف شادي تي آهي، جنهن کي ساهرن ۾ بہ سڪون نہ ٿو ملي. هن اهو ناٽڪ سنڌ ۾ لکيو هو، پر بعد ۾ ان ۾ ڪردارن جي ڪجهہ ڦير ڦار ڪري هند ۾ بہ ڇپايو هو، جيڪو اتي منچ تي بہ آيو. سندس ناٽڪ ' پريت جي ريت' جو موضوع سس ننهن جا جهيڙا آهن.

سندس ناٽڪ 'پريم جي سيجا' کي سڄي هندستان جي بهترين

ايڪانڪيءَ جو ايوارڊ بہ مليو هو. جيڪو زال مڙس جي لاڳاپن تي مشتمل ناٽڪ آهي. هن ناٽڪ ۾ عورت کي مرد خراب ڪرڻ ۾ کهڙو ڪردار ادا ڪري ٿو ، اهو ڏيکاريل آهي. ملڪاڻي صاحب جي ناٽڪ ' پاپ جون پاڙون'جو موضوع هڪ پيرسن پاران 15 سالن جي جوانڙيءَ سان زبردستي ڪرڻ جي ڪوشش آهي. اهو هڪ نفسياتي ناٽڪ آهي. هن جي ناٽڪ ' پيريءَ جو توشو' جي ڪهاڻي بہ تمام دلچسپ آهي تہ ڪيئن نہ هڪ انجنيئر سچي عمر رشوت جي ڪمائي ڪائي ٿو ۽ گهر پاتين کي ڪارائي ٿو. رٽائرمينٽ بعد گهر پاتي ساٿس جيڪي ڪجهہ ڪن ٿا اهو هن ڊرامي ۾ ڏيکاريو ويو آهي. نيٺ هو گهر ڇڏي فوٽ پاٿ تي اچي ويهي ٿو. ملڪاڻي صاحب جي گهر واري سندس جوانيءَ ۾ ئي چالاڻو ڪري وئي هئي، پوءِ هن ٻي شادي نہ ڪئي. ان ڪهاڻيءَ کي هن پنهنجي ناٽڪ 'پيري' جو بہ موضوع ٺاهيو آهي تہ مرد لاءِ جيون ساٿي نہ هئڻ سبب ڪهڙا مسئلا پيدا ٿين ٿا. اهي مسئلا سماجي ۽ نفسياتي آهن.

'سونهن جو نماءُ' ۾ آفيسن ۾ ڪم ڪندڙ اهڙين ڇوڪرين کي بحث هيٺ آندو ويو آهي، جيڪي ڪم ڪرڻ بدران پنهنجي سونهن ۽ جسم جي نماءَ سان اعليٰ آفيسرن کي هرڪائين ٿيون. اهي اوور ٽائيم جي بهاني دير تائين آفيسن ۾ ويهي، بالا عملدارن جي دل وندرائين ٿيون. جنهن سان معاشري ۾ بداخلاقي ۽ بي حيائي وڌي ٿي. اهڙيون ڇوڪريون ماڻتن سان بہ ويساهہ گهاتي ڪن ٿيون. ناٽڪ ' ڪڙ ڪٻيتا پيا ٺمڪن' جو موضوع ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين جي شاديءَ کان اڳ ميلاپ تي آهي. ' روپ ۽ ڪلا ' ناٽڪ ۾ اسٽيج تي ڪم ڪندڙ اداڪارن ۽ هدايتڪارن جي مسئلن کي ڇنڊيو ويو آهي. پارٽ ۾ رچيل سندس ناٽڪ ' هو گليءَ جي ڪناري' بہ هن جي شخصي آزمودي تي منحصر ڪهاڻي آهي. جنهن ۾ هڪ مرد جي زال جو ٻئي مرد سان نهي وڃڻ ۽ ان مرد جا پنهنجي نوڪرياڻيءَ سان لاڳاپا بحث ۾ آندا ويا آهن.

ملڪاڻي صاحب جا ورهاڱي کان اڳ لکيل ناٽڪ گهڻو تڻو سماجي اوڻاين کي وائکو ڪرڻ وارا ۽ ورهاڱي کانپوءِ وارا ناٽڪ انسان جي اندر جي نفسياتي پيچيدگين جي موضوع تي آهن. ملڪاڻي صاحب کي پنهنجو ناٽڪ ' ٽي پارٽي' گهڻو وڻندو هو. هن جي ناٽڪن جا موضوع تمام گهڻا حقيقي هئڻ سبب انهن کي اُگرا ناٽڪ سڏي سخت تنقيد بہ ڪئي وئي، جنهن جو هو هميشہ جواب ڏيندو رهيو. پنهنجي ساٿي گوبند مالهيءَ جي تنقيد جو جواب هن ' ڪڙ ڪٻيتا پيا ٺمڪن' مجموعي جي مهاڳ ۾ هن ريت ڏنو آهي. " ڪجهہ وقت کان ڪن نقادن جو رايو آهي تہ منهنجي ناٽڪن جا موضوع بيشڪ نوان ۽ بي باڪ آهن، پر منجهن ڪشمڪش (Conflict)، انتظار (Suspense) ۽ عروج (Climax) جون ناٽڪي خاصيتون گهٽ آهن. اها شڪايت مون لاءِ ڏاڍڪو ڏيندڙ آهي. مون نئيي هوندي کان وٺي سيڪڙو (سوين) سنڌي، اردو، گجراتي، مرهٽي، بنگالي ۽ انگريزي ناٽڪ شوق سان ڏٺا آهن.

جوانيءَ ڪان ٻرد اوستا (پيري) تائين اسٽيج ۽ ريڊيو لاءِ ناٽڪ لکيا ۽ ڪاميابيءَ سان ڪري ڏيکاريا اٿم ۽ منجهن پارٽ بہ ادا ڪيا اٿم. گويا مان پليو نپنو ئي رنگ ڀومي ءَ جي ماندا۾ ۾ آهيان. تنهن هوندي بہ بنيادي ناٽڪي خاصيتون مون گرهڻ نہ ڪيون هجن، مون لاءِ حيرت جي ڳالهہ آهي". 23

منگهارام ملڪاڻيءَ جا ناٽڪ سماجي خرابين کي وائڪو ڪرڻ جي حوالي سان وڏيءَ اهميت وارا آهن، جيڪي هندستان ۾ تہ ايڪڙ ٻيڪڙ پيش ٿيندا رهن ٿا، پر سنڌ ۾ سندس ناٽڪ ' ٿي پارٽي' 1980ع ۾ سنڌي ناٽڪ صديءَ جي موقعي تي ڏيکاريو ويو هو. سنڌ ۾ ٽيلي ويزن ناٽڪن جي مقبوليت سبب اسٽيج ناٽڪن جو زور ٽٽي ويو آهي. جيڪي ناٽڪ پيش بہ ٿين ٿا، انهن ۾ سنجيدگيءَ جو ڪو پهلو نہ هوندو آهي، پر اهي مزاحيہ ڇهڇٽا هوندا آهن، جن جو مقصد ڪو اصلاحي پيغام ڏيڻ نہ پر ڏسندڙن جي دل وندرائڻ لاءِ کين کلائي پيٽ ۾ سور وجهڻ هوندو آهي.تازو ڪراچيءَ ۾ آرٽس ڪائونسل پاران سنڌي ناٽڪ کي ٻيهر جيئارڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي، اهو سلسو اڳتي وڌڻ گهرجي. ٻيو تہ ملڪاڻي صاحب جا ناٽڪ ٽيلي ويزن تي ڏيکارڻ جي پوري صلاحيت بہ رکن ٿا. ان طرف ضرور ڌيان ڏيڻ گهرجي.جيئن سنڌ ۾ اسٽيج ناٽڪن جو فن پورو ٿي چڪو آهي، ساڳيءَ ريت ٽيلي ويزن ڊرامن مان بہ اصلاحي پهلو ڪڍهوڪو ختم ٿي ويو آهي، هاڻي ڊراما مڪمل طور ڪمرشل ۽ بي مقصد ٿي چڪا آهن. تنهنڪري ضرورت ان ڳالهہ جي آهي تہ ڊرامن کي وندر بدران سماجي خرابين جي اصلاح جو واهپو بڻايو وڃي، جيڪو ڊرامي جو اصل مقصد آهي.

**حوالا:**


1. لچاڻي جڳديش، ساهتيہ جي پرک، ويٽا پبليڪيشن بمبئي، 1998ع، ص. 115
2. ساڳيو، ص. 121
3. پرڪاش پريم، سنڌي ناٽڪ (ورهاڱي بعد سنڌي ناٽڪ ۽ رنگ منچ جي چڪاس، اوسر ۽ سمالوچنا)، سنڌي ڊراما ورڪشاپ احمد آباد، 2004ع. ص. 358
4. آڏواڻي ڀيرومل مهرچند، سنڌ جي هندن جي تاريخ، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو، 2006ص. 430
5. ساڳيو. ص. 430
6. ساڳيو. ص. 435
7. ساڳيو. ص. 436
8. شورو شوڪت حسين، روزاني ڪاوش حيدرآباد، 25 مارچ 2011ع، ص. 4
9. ساڳيو.
10. ملڪاڻي منگها رام، سنڌي نثر جي تاريخ ،سنڌي ساهت گهر حيدرآباد، 2007ع، ص. 14

11. شورو شوڪت حسين، روزاني ڪاوش حيدرآباد، 25 مارچ 2011ع، ص. 4
12. ساڳيو
13. ساڳيو
14. ڪلاٽي لڪمي، رچنا ياترا 4، اسان جو ادب 6، ملير آديپور ڪڇ. 2005ع. ص. 190
15. ملڪاڻي منگها رام، سنڌي نثر جي تاريخ، سنڌي ساهت گهر حيدرآباد، 2007ع، ص. 179
16. پرڪاش پريم، سنڌي ناٽڪ (ورهاڱي بعد سنڌي ناٽڪ ۽ رنگ منچ جي ڇڪاس، اؤسر ۽ سمالوچنا)، سنڌي ڊراما ورڪشاپ احمد آباد، 2004ع. ص. 359
17. آڏواڻي ڀيرومل مهر چند، سنڌ جي هندن جي تاريخ، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، 2006ع. ص. 436
18. ملڪاڻي منگها رام، سنڌي نثر جي تاريخ، سنڌي ساهت گهر حيدرآباد، 2007ع، ص. 179
19. ڪلاٽي لڪمي، رچنا ياترا 4، اسان جو ادب 6، ملير آديپور ڪڇ. 2005ع. ص. 191
20. ساڳيو. ص. 192
21. ساڳيو، ص. 200
22. ساڳيو. ص. 195
23. ساڳيو،ص. 213،212